مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۽ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
3اپريل، 2026ء ( متوقع اسلامي تاريخ: 14 شوال شريف، 1447ھ ) جمعة المبارک جو

قرآني بيان

بنام

# انسان ۽ شيطان ۾ فرق (سيپارو:1، سوره بقرة:37)

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ…

- ✿... حضرت آدم کي نصيحت
- ✿... غلطي نہ مڃڻ جو نقصان
- ✿... دوربين نہ، آئينو ڏسو!
- ✿... شيطان جون رڙيون ۽ دانهون

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

اَنَّ رَسُوْلَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قَالَ: مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ يَوْمَ الْجُمُعَةِ مِائَتَيْ صَلَاةٍ غُفِرَ لَهُ ذَنْبُ مِائَتَيْ عَامٍ

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي 2 سئو ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو، ان جا 2 سئو سالن جا گناهه بخشيا ويندا.[1]

بروزِ جُمعہ پڑھے جو درود اور صَلَوات
نہ ہووے کیونکر اُسے نارِ دوزخی سے نجات
درودِ جمعہ بِلا واسطہ پہنچتا ہے
بگوشِ پاکِ جنابِ نبی صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ستُودہ صِفات

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى فِي الْقُرْآنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

فَتَلَقّٰۤى اٰدَمُ مِنْ رَّبِّهٖ كَلِمٰتٍ فَتَابَ عَلَيْهِ ؕ اِنَّهٗ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿۳۷﴾

(سيپارو: 1، البقرة: 37)

صَدَقَ اللهُ الْعَظِيْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صلّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم

**ترجموڪنزالعرفان:** پوءِ آدم پنهنجي رب کان ڪجهه ڪلما سکي ورتا ته الله ان جي توبهه قبول ڪئي، بيشڪ اهو ئي گهڻو توبهه قبول ڪرڻ وارو

[1] …جمع الجوامع، حرف الميم، جلد:7، صفحہ:199، حديث:22353۔

وڏو مهربان آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! چوندا آهن:

جن کے رُتبے ہیں سِوا، اُن کی سِوا مشکل ہے

يعني جيڪي وڏي رتبي وارا هوندا آهن، انهن کي احتياط به گهڻي ڪرڻي پوندي آهي، انهن کي مشڪلاتون به گهڻيون هونديون آهن۞حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام الله پاڪ جا نبي آهن۞ رب ڪريم کين پنهنجي دستِ قدرت (قدرت واري هٿ) سان بڻايو۞ عِلْمُ الْاَسْما (يعني نالن جو علم) کين سيکاريو۞ فرشتن کان انهن کي سجدو ڪرايو۞ کين خلافت جو تاج عطا ٿيو۞ جنّت ۾ کين رهايو ويو، مطلب ته پاڻ تمام وڏي رتبي وارا آهن، تمام بلند شان وارا آهن، تنهنڪري جڏهن کين هڪ ويسر ٿي وئي، يعني پاڻ جنّتي وڻ جو ميوو کائي ورتو ته اهو عمل جيتوڻيڪ گناهه نه هو، هڪ اجتهادي خطا هئي ۽ اها به اهڙي جنهن تي هڪ نيڪي ملندي آهي، ان جي باوجود کين پنهنجي ان عمل تي سخت شرمندگي ٿي، ايتري شرمندگي ٿي جو زمين تي تشريف آڻڻ کان پوءِ به پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام 300 سالن تائين مسلسل روئندا رهيا.

## ڪثرت سان روئڻ واريون 5 شخصيتون

علماءِ ڪرام فرمائن ٿا ته پنج شخصيتون اهڙيون آهن جيڪي تمام گهڻو رنيون: (1) حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام.....!! پاڻ ممنوع جنتي ميوو کائڻ تي 300 سال روئندا رهيا. (3) حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام.....!! پاڻ حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جي جدائي ۾ روئندا رهيا، ايتري قدر جو اکيون اڇيون ٿي ويون. (3) حضرت يحيٰ عَلَيْهِ السَّلَام.....!! پاڻ خوفِ خدا جي ڪري تمام گهڻو روئندا هئا. (4) حضرت فاطمة الزهراء رَضِيَ اللهُ عَنْهَا......! پاڻ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وصالِ ظاهري کانپوءِ سندن جدائيءَ ۾ تمام گهڻو رنيون ۽ (5) امام زين

العابدين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ....!! پاڻ واقعي ڪربلا ڪانپوءِ تمام گهڻو روئندا رهيا. انهن سيني هستين ۾ سڀ کان وڌيڪ عرصو جيڪي روئندا رهيا، اهي حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام آهن، جن 300 سال ڳوڙها وهايا[1]

## آيت ڪريم جي وضاحت

جڏهن پاڻ ايترو ڏکهو عرصو ڳوڙها وهايا تہ ڇا ٿيو؟ اسان سيپارو: 1، سورة بقره، آيت: 37 بڌي، الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| فَتَلَقّٰۤى اٰدَمُ مِنۡ رَّبِّهٖ كَلِمٰتٍ فَتَابَ عَلَيۡهِ ؕ اِنَّهٗ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيۡمُ ﴿۳۷﴾ (سيپارو: 1، البقرة: 37) | ترجمو ڪنزُ العرفان: پوءِ آدم پنهنجي رب کان ڪجھ ڪلما سکي ورتا تہ الله ان جي توبهه قبول ڪئي، بيشڪ اهو ئي گهڻو توبهه قبول ڪرڻ وارو وڏو مهربان آهي. |

يعني اهي ڪجھ ڪلمات هئا جيڪي الله پاڪ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي دل ۾ وڌا! پاڻ انهن ڪلمات جي ذريعي توبہ ڪئي تہ سندن توبهه قبول ٿي وئي.

## نالوانهن جو، ڪم پنهنجو ٿي ويو

اهي ڪلمات ڪهڙا هئا، ان جي باري ۾ حديث پاڪ جي ڪيترن ئي ڪتابن ۾ اها روايت آهي، حضرت عمر فاروقِ اعظم ۽ حضرت عليُ المرتضيٰ شيرِ خدا رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا: رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کان اِجتهادي خطا ٿي تہ (گهڻي عرصي تائين حيران ۽ پريشان رهڻ کان پوءِ) هنن بارگاهِ الٰهي ۾ عرض ڪيو: يَا رَبِّ اَسْاَلُكَ بِحَقِّ مُحَمَّدٍ لَمَا غَفَرْتَ لِي اي منهنجا رب ڪريم! مون کي محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي

---

[1] تفسير نعيمى، پاره:1، سورۀ بقرة، زير آيت:37، جلد:1، صفحه:312

صدقي ۾ معاف فرماءِ. الله پاڪ فرمايو: اي آدم! تو مُحَمَّد (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي ڪيئن سڃاتو؟ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام عرض ڪيو: اي الله پاڪ! جڏهن تو مون کي پيدا ڪري منهنجي اندر روح وڌو ۽ مون پنهنجي مٿي کي کنيو تہ مون عرش جي پاوَن تي لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللهِ لکيل ڏٺو، تڏهن مون ڄاتي ورتو تہ تو پنهنجي نالي سان ان جو نالو ملايو آهي جيڪو توکي سموري مخلوق ۾ سڀ کان وڌيڪ محبوب آهي. الله پاڪ فرمايو: اي آدم! تو سچ چيو، بيشڪ اهو سڄي مخلوق ۾ منهنجي بارگاهہ ۾ سڀ کان وڌيڪ محبوب آهي. تون ان جي وسيلي سان مون کان دعا ڪر، مان توکي معاف ڪري ڇڏيندس ۽ جيڪڏهن مُحَمَّد (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) نہ هجن ها تہ مان توکي پيدا نہ ڪيان ها.[1]

سُبۡحٰنَ الله! ان مان معلوم ٿيو: اسان جا آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کان بہ افضل آهن ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ رسولِ ذيشان، مڪي مدني سُلطان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وسيلي سان دعا ڪرڻ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جو طريقو آهي.[2]

| | |
|---|---|
| خدا نے اس قدر اُونچا کیا پایہ مُحَمَّد کا | نہ پہچانا کسی نے آج تک رُتبہ مُحَمَّد کا |
| سیہ کاروں کی کیا گنتی کہ دَرگاہِ الٰہی میں | وسیلہ ڈھونڈتے ہیں حضرت موسیٰ، مُحَمَّد کا |
| بلا وَصلِ نبی وَصلِ الٰہی غیر ممکن ہے | خدا کے گھر پہنچنے کو ہے دروازہ مُحَمَّد کا[3] |

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

[1]...مستدرک، آیات رسول اللہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم، استغفار آدم...الخ، جلد:3، صفحہ:517، حدیث:4286۔
[2]...صِراطُ الجنان، پارہ:1، سورۂ بقرۃ، زیر آیت:37، جلد:1، صفحہ:108 خُلاصۃً۔
[3]...قبالہ بخشش، صفحہ:51-53 ملتقطاً۔

## حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي نصيحت

حضرت ڪعبُ الاحبار رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جيڪي تابعي بزرگ آهن، وڏا عالم هئا، پاڻ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام پنهنجي شهزادي حضرت شيث عَلَيۡهِ السَّلَام کي فرمايو: پٽ! تون مون کان پوءِ منهنجو خليفو آهين! جڏهن بہ الله پاڪ جو ذڪر ڪرين تہ گڏوگڏ حضرت مُحَمَّد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر لازمي ڪجان ڇو تہ مون جڏهن اک کولي تہ عرش جي پائي تي سندن نالو پاڪ لکيل ڏٺو، پوءِ مون آسمانن جو سير ڪيو تہ هر جاءِ تي مُحَمَّد نالو لکيل ڏٺو، پوءِ الله پاڪ مون کي جنّت ۾ رَهايو تہ اتي هر محل تي، هر ڪمري تي، حورن جي ڪنڌن تي، طُوبيٰ (جنّت جي سڀ کان وڏي) وڻ تي، ان جي هر هر پن تي، سِدۡرَةُ الۡمُنۡتَهيٰ (يعني آسمانن جي ويجهو هڪ ٻير جي وڻ) جي هر هر پن تي، ايتري تائين جو فرشتن جي اکين تي بہ محمد نالو لکيل هو، بس (اي پيارا پٽ!) حضرت مُحَمَّد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر ڪثرت سان ڪندا رهو، بيشڪ فرشتا هر وقت انهن جو ذڪر ڪندا رهندا آهن.[1]

خُدا کا ذِکر کرے، ذِکرِ مصطفیٰ نہ کرے
ہمارے مُنہ میں ہو، ایسی زباں خُدا نہ کرے

مداح حبيب مولانا جميل رضوي رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِ جو تمام پيارو ڪلام آهي:

اللہُ اکبر! رَبُّ الۡعُلا نے
ہر شے پہ لکھا نامِ مُحَمَّد

نُوح و خلیل و موسیٰ و عیسیٰ
سب کا ہے آقا نامِ مُحَمَّد

دولت جو چاہو دونوں جہاں کی
کر لو وظیفہ نامِ مُحَمَّد

اللہ والا دَم میں بنا دے
اللہ والا نامِ مُحَمَّد

[1] ...تاريخ ابن عساڪر، رقم:2781، ذڪر من اسمہ شيث، جلد:23، صفحہ:281۔

| | |
|---|---|
| پائیں مرادیں دونوں جہاں میں | جس نے پکارا نامِ مُحَمَّد |
| دونوں جہاں میں دُنیا و دِیں میں | ہے اِک وسیلہ نامِ مُحَمَّد |
| روزِ قیامت میزان و پُل پر | دے گا سہارا نامِ مُحَمَّد |
| اپنے رضا کے قربان جاؤں | جس نے سکھایا نامِ مُحَمَّد [1] |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## انسان ۽ شيطان جو فرق

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ٻڌو ته حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام زمين تي تشريف کڻي آيا، پاڻ پنهنجي ويسر تي ڳوڙها وهائيندا رهيا، آخر رب ڪريم سندن توبهه قبول فرمائي ۽ کين خلافت جو تاج عطا فرمايو. هن جاءِ تي عُلماءِ ڪرام اسان جي سکڻ لاءِ تمام اهم ڳالهيون بيان ڪيون آهن، علما فرمائن ٿا: ڏسو! معاملا 2 ٿيا (1): شيطان کي حڪم ٿيو: سجدو ڪر! شيطان تڪبر ڪيو ۽ سجدو نه ڪيائين (2): حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي حڪم ٿيو:

| | |
|---|---|
| وَلَا تَقْرَبَا هٰذِهِ الشَّجَرَةَ<br>(سيپارو: 1، البقرة: 35) | ترجمو ڪنزُ العرفان: هن وڻ جي ويجهو نه وڃجو. |

پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام کان ڀُل ٿي وئي. يعني جيڪو چيو ويو هو، ان تي عمل ڀنهي طرفن کان نه ٿيو پر اسان جڏهن انهن ڀنهي معاملن جي نتيجن کي ڏسون ٿا ته اهي ٻئي مختلف آهن، شيطان سجدو نه ڪيو، ان جي ڳچي ۾ هميشه جي لاءِ لعنت جو طوق وڌو ويو. حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جنّتي ميوو کائي ورتو ته پاڻ کي خلافت جو تاج پهرائي زمين تي موڪليو ويو. آخر فرق ڇا آهي؟ شيطان نافرماني ڪئي ته لعنت جو طوق پارايو ويو، حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کان ڀُل ٿي ته خلافت جو تاج ڏنو ويو. ان ۾ ڪهڙو

[1] ... قبالهٔ بخشش، صفحه:133-135 ملتقطًا۔

راز آهي؟ عُلماءِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم فرمائن ٿا: انهن ٻنهي معاملن ۾ 5 ڳالهين جو فرق آهي.[1] (1): حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کان خطا ٿي، پاڻ خطا جو اِقرار ڪري ورتو، شيطان گناهه ڪيو ته ان پنهنجو گناهه مڃيو نه بلڪ ان تي حُجّت بازي ڪئي، پنهنجا دليل ڏنا (2): ٻيو فرق هي آهي ته حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي خطا جو ذميوار پاڻ کي قرار ڏنو، عرض ڪيو:

| | |
|---|---|
| رَبَّنَا ظَلَمْنَاۤ اَنْفُسَنَا ٚ (سيپارو: 8، الاعراف: 23) | ترجموڪنزُ العرفان: اي اسان جا رب! اسان پنهنجي جانين تي زيادتي ڪئي. |

پر شيطان پنهنجي گناهه جي ذميواري پاڻ نه ڪنئي، ان بدبخت چيو:

| | |
|---|---|
| رَبِّ بِمَاۤ اَغْوَيْتَنِيْ (پاره:14، سورة الحجر:39) | ترجمو ڪنزُ العرفان: ان چيو: اي منهنجا رب! مون کي ان ڳالهه جو قسم ته تو مون کي گمراهه ڪيو، |

الله اڪبر! هي خبيث چئي رهيو آهي: اي الله پاڪ! تو مون کي ڀڙڪائي ڇڏيو. (اَستَغفِرُ الله!) حالانڪ تڪبر ان پاڻ ڪيو، حسد پاڻ ڪيو، سرڪشي پاڻ ڪئي، حرڪتون پنهنجون نيڪ نه هيون پر جرئت ڏسو! پنهنجي گناهه جي نسبت (مَعَاذَ الله!) الله پاڪ جي طرف ڪري رهيو آهي. (3): ٽيون فرق هي آهي ته حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام نادم (شرمنده) ٿيا، روايتن مطابق پاڻ ندامت جي ڪري ڪيترن ئي سالن تائين آسمان جي طرف نگاهه نه ڪنئي جڏهن ته شيطان بدبخت هو، ان شرمنده ٿيڻ بدران آڪڙ ڏيکاري، شرمنده ته ڇا ٿيڻو هو، اُبتو چوڻ لڳو:

| | |
|---|---|
| لَاَقْعُدَنَّ لَهُمْ صِرَاطَكَ الْمُسْتَقِيْمَ ﴿۱۶﴾ | ترجمو ڪنزُ العرفان: مان ضرور تنهنجي سڌي رستي تي ماڻهن |

[1]...تنبيه الغافلين، باب ما جاء فى الذنوب، صفحه:208 خلاصةً۔

| | |
|---|---|
| (پاره:8، سورة الاعراف:16) | جي تاڙ ۾ ويهندُس |

جڏهن ته شيطان توبه جي طرف نه وڌيو، ان چيو:

| | |
|---|---|
| اَنْظِرْنِیْۤ اِلٰى یَوْمِ یُبْعَثُوْنَ (۱۴) (پاره:8، سورة الاعراف:14) | ترجمو ڪنزُ العرفان: تون مون کي ان ڏينهن تائين مهلت ڏي جنهن ۾ ماڻهو اٿاريا ويندا. |

جڻ هي بدبخت چئي رهيو هو ته مون جيڪو ڪيو آهي، ان تي مان پين کي به ﭘڙڪائيندُس، اي الله پاڪ! مان تنهنجي ٻانهن کي تنهنجي واٽ تان هٽائي ڇڏيندس. لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِالله

(4): چوٿون فرق هي آهي ته حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام فوراً توبه ڪئي، جيئن ئي ڪين خطا ٿي، پاڻ فوراً عرض ڪيو:

| | |
|---|---|
| رَبَّنَا ظَلَمْنَاۤ اَنْفُسَنَا ٜ وَ اِنْ لَّمْ تَغْفِرْ لَنَا وَ تَرْحَمْنَا لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِیْنَ (۲۳) (پاره:8، سورة الاعراف:23) | ترجموڪنزُالعرفان: اي اسان جا رب! اسان پنهنجي جانين تي زيادتي ڪئي ۽ جيڪڏهن تو اسان جي مغفرت نه فرمائي ۽ اسان تي رحم نه ڪيو ته ضرور اسان نقصان وارن مان ٿي ويندا سين. |

يعني ان توبه ڪرڻ بدران قيامت تائين معاملو ٽاري ڇڏيو.

(5): پنجون فرق هي آهي ته شيطان رحمتِ اِلٰهي کان مايوس ٿي ويو پر حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام مسلسل رحمت ڏانهن نظرون ڄمائي رکيون، ايتري تائين جو سندن توبه قبول ٿي وئي.

پيارا اسلامي ڀائرو! شيطان ۽ انسان جا اهي 5 بنيادي فرق آهن يعني اهي 5 سٺا ۽ بڇڙا انداز آهن، جيڪو حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي پيروي ۾ اهي 5

سنيون ڳالهيون اپنائيندو آهي، اهو حقيقي انسان آهي ۽ جيڪو شيطان وارا انداز اختيار ڪندو آهي، اهو ڏسڻ ۾ انسان آهي پر عادتن ۾ شيطان جهڙو آهي. ان ڪري اسان کي گهرجي ته اسان اهي 5 سنيون عادتون اپنايون:

## (1): غلطي مڃڻ وارا ٿيو!

پنهنجي غلطي مڃڻ جي عادت بڻايو! انسان کان غلطي ٿي ويندي آهي عربي جي چوڻي آهي: اَلْاِنْسَانُ مِنَ النِّسْيَانِ يعني انسان ڀُلَ وارو آهي. سنو ماڻهو اهو آهي جيڪو پنهنجي غلطي تسليم ڪري وٺندو آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: كُلُّ بَنِى آدَمَ خَطَّاءٌ، وَخَيْرُ الْخَطَّائِينَ التَّوَّابُونَ هر انسان کان خطا ٿي ويندي آهي ۽ سنو خطا ڪار اهو آهي جيڪو توبهه جي طرف وَڌي ويندو آهي.[1]

## غلطي نه مڃڻ جو نقصان

اسان وٽ اهو هڪ وڏو مسئلو آهي: ماڻهو پنهنجي غلطي مڃڻ لاءِ تيار ناهن هوندا۞ ان ڪي اَنا جو مسئلو بڻائي وٺندا آهن۞ غلطي مڃڻ ۾ نڪ ڪٽجندي نظر ايندو آهي۞ ڪنڌ جهڪائڻ ڏکيو لڳندو آهي۞پلا پنهنجي ننڍن کان معافي گهرڻ جي همت ڪير ڪري؟ ۞ اهڙي طرح لالچ آڏو ايندي آهي۞ مثلاً غلطي مڃي ورتي ته نوڪري هلي ويندي ۞ پيسا اچڻ بند ٿي ويندا ۽ ائين ئي ٿيندو آهي: ماڻهو پنهنجي غلطي ناهن مڃيندا حالانڪ اها ان غلطي کان به وڏي غلطي آهي۞ان جي ڪري گهر ٽٽي ويندا آهن۞ جهيڙا ٿي ويندا آهن۞ طلاق ٿي ويندي آهي۞ ٻارن جو مستقبل تباهه ٿي ويندو آهي۞ ڪيترا ئي مسئلا سامهون اچي ويندا آهن۞ توهان تاريخ پڙهي ڏسو! ڪيتريون سلطنتون آهن جيڪي صرف پنهنجي غلطي نه مڃڻ جي ڪري تباهه ۽ برباد ٿي ويون...!! هي غلطي نه مڃڻ جا نقصان آهن.

---

[1]...ابن ماجہ، کتاب الزہد، باب ذکر التوبۃ، صفحہ:689، حدیث:4251۔

ياد رکو! سنو اهو آهي جيکو پاڻ ئي پنهنجي غلطي مڃي وٺندو آهي، اهو بچي ويندو آهي، ان جي لاءِ نجات جون راهون نڪري اينديون آهن پر جيکو پنهنجي غلطي ناهي مڃيندو، پوءِ وقت ان کان مڃرائي وٺندو آهي، ۽ جڏهن وقت غلطي مڃرائيندو آهي تڏهن تمام گهڻي دير ٿي چڪي هوندي آهي. ان ڪري غلطي ٿي وڃي ته بروقت پنهنجي غلطي تسليم ڪري وٺو! نه ته وڏو نقصان به ڪٽڻو پئجي سگهي ٿو.

## ٽئين ماني ڪاڏي وئي...؟؟

حضرت جرير رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه روايت ڪن ٿا: هڪ ڀيري حضرت سيدُنا عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام سفر تي روانا ٿيا، رستي ۾ هڪ شخص مليو، ان عرض ڪيو: حضور! مون کي به پنهنجي بابرڪت صحبت ۾ رهڻ جي اجازت عطا فرمايو، مان به اوهان سان گڏ سفر ڪرڻ چاهيان ٿو. پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام ان کي پنهنجي همراهي جي اجازت عطا فرمائي. رستي ۾ نهر جي ڪناري پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام ماني کائڻ لاءِ تشريف فرما ٿيا، پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام وٽ 3 مانيون هيون، هڪ هڪ ماني ٻنهي کائي ورتي، ۽ ٽئين ماني بچي پئي. پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام ماني کي اتي ئي ڇڏي نهر تي ويا ۽ پاڻي پيتائون، پوءِ جڏهن واپس آيا ته ڏٺائون ته ماني غائب آهي، پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام ان شخص کان پڇيو: ٽئين ماني ڪاڏي وئي؟ ان چيو: مون کي معلوم ناهي، پوءِ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام فرمايو: اچو اسان پنهنجي سفر تي هلون ٿا. اهو شخص اٿيو ۽ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام سان گڏ هلڻ لڳو، رستي ۾ هڪ هرڻي پنهنجي 2 خوبصورت ٻچن سان بيٺي هئي، پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام هرڻي جي هڪ ٻچي کي پاڻ ڏي سڏيو ته اهو پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام جو حڪم مڃيندي ئي فوراً حاضر خدمت ٿي ويو، پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام ان کي ذبح ڪيو، ان کي ڀُڳو ۽ ٻنهي ان جو گوشت کاڌو، پوءِ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام ان جون هڏيون هڪ جاءِ تي جمع ڪيون ۽ فرمايائون: الله پاڪ جي حڪم سان اٿي بيهه، فوراً اهي هڏيون بيهر هرڻي جو ٻچو بڻجي ويون ۽ اهو ٻچو پنهنجي ماءُ ڏانهن روانو ٿي ويو، پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام ان شخص کي فرمايو: اي شخص! توکي ان ذات جو قسم!

جنهن توکي منهنجي هٿان هي معجزو ڏيکاريو، تون سچ ٻڌا تہ اها ماني کنهن کنئي هئي؟ اهو شخص چوڻ لڳو: مون کي معلوم ناهي تہ ماني کنهن کنئي هئي؟ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام شخص کي وٺي ٻيهر سفر تي روانا ٿيا، رستي ۾ هڪ دريا آيو، پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام ان شخص جو هٿ پڪڙيو ۽ ان کي وٺي پاڻي تي هلندي درياء پار ڪري ورتو، پوءِ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام ان کي فرمايو: توکي ان پاڪ پروردگار جو قسم! جنهن توکي منهنجي هٿان هي معجزو ڏيکاريو، سچ ٻڌا تہ ٽئين ماني ڪنهن ڪنئي هئي؟ ان وري اهو ئي جواب ڏنو تہ مون کي معلوم ناهي. پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام ان شخص کي وٺي اڳتي وڌيا، رستي ۾ هڪ ويران صحرا اچي ويو. پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام ان کي فرمايو: ويهي رهو، پوءِ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام ڪجهہ وَاري جمع ڪئي ۽ فرمايو: اي واري! الله پاڪ جي حڪم سان سون بڻجي وڃ تہ اها واري فوراً سون ۾ تبديل ٿي وئي. پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام ان جا 3 حصا ڪيا ۽ فرمايو: هڪ حصو منهنجو ٻيو تنهنجو ۽ ٽيون حصو ان جي لاءِ آهي جنهن اها ماني ڪنئي هئي، اهو ٻڌي اهو شخص چوڻ لڳو: اها ماني مون ئي لڪائي هئي.

حضرت سيدُنا عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام ان شخص کي فرمايو: اهي ٽيئي حصا تون ئي ڪڻ. ايترو چوڻ کان پوءِ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام ان شخص کي اتي ئي ڇڏي اڳتي روانا ٿي ويا. اهو ايترو گهڻو سون ملڻ تي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ ان اهو سڄو سون ڪٺي ورتو، ايتري ۾ اتي ٻہ ٻيا شخص پهتا جڏهن انهن ڏٺو تہ هن ويراني ۾ اڪيلو شخص آهي ۽ ان وٽ گهڻو سون آهي تہ انهن ارادو ڪيو تہ اسان هن شخص کي قتل ڪري ڇڏيون ٿا ۽ ان کان سون کسي وٺون ٿا، جڏهن اهي ان کي قتل ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيا تہ ان شخص چيو: توهان مون کي قتل نہ ڪريو بلڪ اسان هن سون کي پاڻ ۾ ورهائي وٺون ٿا، اهي ان ڳالهہ تي راضي ٿي ويا تہ اسان هي سون برابر برابر ورهائي وٺون ٿا، پوءِ ان شخص چيو: ايئن ڪريون ٿا تہ اسان مان هڪ شخص وڃي ويجهي بازار مان ماني خريد ڪري اچي، ماني کائڻ کان پوءِ اسان هي سون پاڻ ۾

ورهائي وننداسين. جيئن تہ انهن مان هڪ شخص بازار ويو، جڏهن ان ماني خريد ڪئي تہ ان جي دل ۾ هي شيطاني خيال آيو تہ مان هن ماني ۾ زهر ملائي ڇڏيان ٿو جيئن ئي اهي ٻئي ان کي کائيندا تہ مري ويندا ۽ سمورو سون مان کٽي ڇڏيندس، جيئن تہ ان ماني ۾ زهر ملائي ڇڏيو ۽ پنهنجي ساٿين جي طرف هليو، اتي انهن ٻنهي جي نيتن ۾ بہ سون ڏسي فتور اچي ويو ۽ انهن ٻنهي مشورو ڪيو تہ جيئن ئي اسان جو ٽيون ساٿي ماني کڻي ايندو اسان ان کي قتل ڪري ڇڏينداسين ۽ سون اسان ٻئي پاڻ ۾ ورهائي وننداسين، بهرحال جيئن ئي اهو ماني کڻي انهن وٽ پهتو، انهن ٻنهي ان کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ وڏي مزي سان زهر مليل ماني کائڻ لڳا، ڪجهہ ئي دير ڪان پوءِ زهر پنهنجو اثر ڏيکاريو ۽ اهي ٻئي بہ اتي ئي ڍير ٿي ويا ۽ سون ائين ئي پيل هو.

ڪجهہ عرصي بعد حضرت سيدُنا عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام ٻيهر اتان گذريا تہ ڏٺائون تہ سون اتي ئي موجود آهي ۽ اتي 3 لاشَ پيا آهن. پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام اهو ڏسي فرمايو: هي دنيا هڪ دوکو آهي تنهنڪري ان کان بچو (يعني جيڪو ان جي لالچ ۾ ڦاٿو اهو هلاڪ ٿي ويو).[1]

هي آهي غلطي نہ مڃڻ جو وبال...!! جيڪڏهن هي شخص پنهنجي غلطي بروقت مڃي وٺي ها تہ هلاڪت کان بہ بچي وڃي ها ۽ الله پاڪ جي نبي حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي صحبت بہ ميسر رهي ها پر هي لالچي هو، ان غلطي نہ مڃي، آخر جڏهن لالچ ۾ اچي غلطي مڃي، تہ ان وقت تمام گهڻي دير ٿي چڪي هئي. ان ڪري ان کان اڳ جو تمام گهڻي دير ٿي وڃي، پنهنجي غلطي مڃڻ سکي وٺو!

## دوربين نہ، آئينو ڏسو!

اسان وٽ هي بہ هڪ وڏو مسئلو آهي، ماڻهو پنهنجا عيب ناهن ڏسندا، ٻين جا عيب ڳوليندا آهن. هڪ چوٽي بہ آهي: پنهنجو وڏو عيب بہ نظر

[1]...موسوعہ ابن ابی الدنیا، کتاب ذم الدنیا، جلد:5، صفحہ:55، حدیث:87۔

ناهي ايندو، ٻين جي اک جو ڪک ٻہ ڏسي وٺندا آهن. هي ٻہ وڏي آفت آهي، زندگي ٻين جا عيب ڳولڻ ۾ گذري ويندي آهي، پنهنجي اصلاح جو موقعو ئي ناهي ملندو. تمام پياري حديث پاڪ آهي، ان ۾ اسان جي لاءِ سبق آهي، منهنجي نبي، سڄي نبي، آخري نبي، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: يعني الله پاڪ جنهن سان ڀلائي جو ارادو فرمائيندو آهي تہ ان ۾ خوبيون پيدا فرمائيندو آهي جن مان هڪ هي بہ آهي تہ ان کي ان جا پنهنجا عيب ڏيکاري ڇڏيندو آهي.[1]

سُبْحٰنَ الله! هي انداز بہ اپنائڻ گهرجي، ڪنهن ڏاڍي پياري ڳالهہ چئي تہ عيب ڳولڻ جو شوق هجي تہ ضرور ڳوليو پر دوربين سان نہ، آئيني جي ذريعي...!!

يعني دوربين جي ذريعي ٻين جا عيب نہ ڏسو! بلڪ آئيني جي سامهون بيهي پنهنجا عيب ڳوليو! الله پاڪ اسان کي پنهنجا عيب ڳولڻ ۽ انهن جي اصلاح جي فڪر ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2): پنهنجي غلطي ٻين تي نہ وجهو!

ٻي سڄي عادت جيڪا اسان کي اپنائڻي آهي، اها آهي: پنهنجي غلطي جو ذميوار پاڻ کي قرار ڏيڻ. هي ننڍڙن ٻارن جي عادت هوندي آهي تہ انهن کان جيڪڏهن غلطي ٿي وڃي تہ دڙڪن کان بچڻ لاءِ ٻين تي الزام لڳائي ڇڏيندا آهن، عقلمند ماڻهوءَ جو اهو ڪم ناهي هوندو، بدقسمتي سان اسان وٽ ٻهاني ٻازي گهڻي ٿيندي آهي، مثلاً ۞ مون کي ڪنهن ٻڌايو ئي نہ هو ۞ هي تہ ماءُ پيءُ جو قصور آهي جو انهن اسان کي ديني تعليم نہ ڏياري ۞ چا ڪريون معاشرو ئي خراب آهي، سڄي ماڻهو کي جيئڻ ئي

[1]... شعب الايمان، باب الزہد و قصر الامل، جلد:7، صفحہ:347، حديث:10535ملتقطاً۔

ڪٿي تہ ڏئي(يعني پنهنجي برائين جو الزام معاشري جي مٿان وجهي ڇڏيو)۞ ڏاڙهي پاڻ ڪوڙائي ۽ چئي ڇڏيو: حجم جو قصور آهي، ان ڪوڙي ڇڏي هئي۞ مون ڪي تہ فلاڻي دوست پڙڪائي ڇڏيو هو وغيره، ائين اسان ٻين جي مٿان الزام وجهي پاڻ کي تسلي ڏئي وٺندا آهيون، هي غلط انداز آهي، روز قيامت جڏهن جهنمين کي جهنم ۾ وڌو ويندو تہ اهي هي ڪم ڪندا، قرآن پاڪ ۾ آهي:

| | |
|---|---|
| كُلَّمَا دَخَلَتْ اُمَّةٌ لَّعَنَتْ اُخْتَهَا ؕ حَتّٰۤى اِذَا ادَّارَكُوْا فِيْهَا جَمِيْعًا ۙ قَالَتْ اُخْرٰىهُمْ لِاُوْلٰىهُمْ رَبَّنَا هٰۤؤُلَآءِ اَضَلُّوْنَا فَاٰتِهِمْ عَذَابًا ضِعْفًا مِّنَ النَّارِ ؕ۬ قَالَ لِكُلٍّ ضِعْفٌ وَّ لٰكِنْ لَّا تَعْلَمُوْنَ ﴿۳۸﴾ (پاره:8، سورۃ الاعراف:38) | ترجمو ڪنزُ العرفان: جڏهن هڪ ٽولو (جهنّم ۾) داخل ٿيندو تہ ٻي (ٽولي) تي لعنت ڪندو ايستائين جو جڏهن سمورا ان ۾ جمع ٿي ويندا تہ انهن مان بعد وارا پهريان وارن لاءِ چوندا: اي اسان جا رب! انهن اسان کي گمراهہ ڪيو هو سو تون انهن کي باهہ جو ٻيڻو عذاب ڏي. الله فرمائيندو: سڀني جي لاءِ ٻيڻو آهي پر توهان کي معلوم نہ آهي. |

هي غير مسلمن جو حال آهي...!! هتي دنيا ۾ هڪ ٻئي جو ساٿ ڏيندا آهن، گڏجي خوشيون ملهائيندا آهن، ڏوهہ گڏ ڪندا آهن، الله ۽ رسول جون گستاخيون گڏجي ڪندا آهن، جڏهن جهنم ۾ ويندا تہ هڪ ٻئي تي الزام لڳائيندا تہ مولا! هي آهن جن اسان کي ڀٽڪايو، انهن کي ٻيڻو عذاب ڏي...!! پر حڪم ٿيندو: توهان سڀني جي لاءِ ٻيڻو عذاب آهي.

هي سمجهڻ جي ڳالهہ آهي: غلطي ٿي وئي، سو ٿي وئي، هاڻي ان کي مڃي بہ وٺو ۽ ان جو ذميوار بہ پاڻ کي ئي قرار ڏيو، غلطي جو الزام ٻين

تي وجھڻ سان ڪو حل نہ نڪرندو، جيڪڏهن پنهنجي غلطي پنهنجي ئي مٿان ڪٽنداسين تہ شرمندگي بہ ٿيندي ۽ اڳتي ان غلطي کان بچڻ جو بہ ذهن نهندو. تنهنڪري جيڪو پنهنجي اصلاح چاهي ٿو، ان کي گهرجي تہ پنهنجي غلطي پنهنجي ئي مٿان ڪٽڻ جي عادت بڻائي وٺي.

## (3): شرمنده ٿينداڪيو!

ٿئين سني عادت جيڪا اسان کي اپنائڻي آهي، اها هي تہ غلطي ٿي وڃي تہ ان تي شرمنده ٿيڻ جي عادت بڻايون. غلطي ٿي وئي تہ هاڻي اندر ئي اندر شرمندگي محسوس ٿيڻ گهرجي، گهرجي تہ اسان جو ضمير اسان کي جهنجهوڙي تہ افسوس! هي مون کان ڇا ٿي ويو...!! هاءِ! افسوس! مون ڪيڏو نہ بُرو ڪم ڪري ڇڏيو....!! هاءِ! افسوس! مون ڪيترو بڇڙو ڪم ڪري ڇڏيو، افسوس! مون کان گناهہ ٿي ويو...!! ائين اندر ئي اندر شرمنده ٿينداسين تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! غلطي جو احساس بہ ٿيندو، اڳتي اهڙي غلطي کان بچڻ ۾ بہ مدد ملندي ۽ الله پاڪ چاهيو تہ ان شرمساري جو انعام بہ ملي ئي ويندو.

حضرت ڪعبُ الاحبار رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بني اسرائيل جا 2 ماڻهو مسجد جي طرف هليا، هڪ تہ مسجد ۾ داخل ٿي ويو پر ٻئي تي خوفِ خدا طاري ٿي ويو ۽ اهو ٻاهر ئي ويهي رهيو ۽ چوڻ لڳو: مان گنهگار ان قابل ڪٿي جو پنهنجو گندو وجود کڻي الله پاڪ جي پاڪ گهر ۾ داخل ٿي سگهان. الله پاڪ کي ان جي اها عاجزي پسند اچي وئي ۽ ان جو نالو صِدِّيقين ۾ لکي ڇڏيو.[1] ياد رهي! صِدِّيق جو درجو ولي ۽ شهيد کان بہ وڏو هوندو آهي.

اِنهيءَ طرح جي هڪ حڪايت ڪتَابُ التَّوَّابِين صَفحي 83 تي لکيل آهي: هڪ شخص کان گناهہ ٿي ويو، اهو بيحد نادم ٿيو ۽ بيقرار ٿي هيڏانهن

---

[1]...ڪتاب التوابين، توبة رجلين من بنی اسرائيل، صفحہ:81۔

هوڏانهن پڇڻ لڳو تہ ڪنهن طرح ان جو گناهہ معاف ٿي وڃي ۽ پروردگار راضي ٿي وڃي، الله پاڪ جي بارگاهہ رحمت ۾ ان جي بيقراري ۽ شرمندگي ڪي قبول ڪيو ويو ۽ الله پاڪ ان ڪي ولايت جي اعليٰ ترين رتبي صِدِّيْقِيّت سان نوازي ڇڏيو.[1]

عمر بدیوں میں ساری گزاری | ہائے! پھر بھی نہیں شرمساری
بخش محبوب کا واسطہ ہے | یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (4): توبهہ جي طرف وڌي وڃو!

پيارا اسلامي ڀائرو! چوٿين سٺي عادت جيڪا حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي ڪردار مان سکڻ جي لاءِ ملي، اها آهي: توبهہ ۾ جلدي ڪرڻ. تمام ئي اهم ڳالهہ آهي، اسان جيتري جلدي توبهہ جي طرف وڌي ويندا سين، اوترو ئي اسان جو ڀلو آهي، جيڪڏهن توبهہ ۾ ٽال مٽول ڪندا رهياسين، اڄ ڪلهہ، اڄ ڪلهہ ڪندا رهياسين، رمضان ڪريم ۾ توبهہ ڪري وٺندس، پوڙهائپ ۾ توبهہ ڪري وٺندُس، سياڻي ڪري وٺندس، ائين ڪندا رهياسين تہ سخت نقصان ۾ ڦاسي سگهون ٿا. حديث پاڪ ۾ آهي، رسولِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هَلَكَ الْمُسَوِّفُوْنَ يعني هلاڪ ٿي ويا اهي ماڻهو جيڪي توبهہ ۾ ٽال مٽول ڪندا رهندا آهن.[3]

## پوءِ موت اچي ويندو آهي

الله پاڪ جو فرمان آهي:

---

[1]...ڪتاب التوابين، توبة رجلين من بنى اسرائيل، صفحه:81۔

[2]...وسائلِ بخشش صفحه:137۔

[3]...تنبيه الغافلين، باب آخر من التوبة، صفحه:59۔

| ترجموڪنزُالعرفان: بلڪ انسان چاهي ٿو تہ اهو پنهنجي اڳيان ڪي ڪوڙو چوي. | بَلْ يُرِيْدُ الْاِنْسَانُ لِيَفْجُرَ اَمَامَهٗ ۚ﴿۵﴾ (پاره:29، سورة القيامة:5) |
|---|---|

حضرت عبد الله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هن آيت جي تفسير ۾ فرمائن ٿا: يعني انسان گناهہ اڳتي وڌائيندو آهي ۽ توبهہ ۾ دير لڳائيندو آهي، اڄ توبهہ ڪريان ٿو، سڀاڻي توبهہ ڪريان ٿو، اهو ئي چوندو رهندو آهي پر گناهہ ناهي ڇڏيندو (ايتري تائين جو گناهہ ڪندي ڪندي ئي موت جي ويجهو اچي ويندو آهي.)[1]

ان ڪري پيارا اسلامي ڀائرو! توبهہ ۾ جلدي ڪرڻ جي عادت بڻايو! الله پاڪ ڏاڍو مهربان آهي، اهو توبهہ ڪرڻ وارن سان پيار فرمائيندو آهي.

## گناهہ ناهي لکيو ويندو

حديث پاڪ ۾ آهي: ٻانهو هڪ نيڪي ڪندو آهي تہ ساڄي ڪلهي وارو فرشتو 10 نيڪيون لکي وٺندو آهي ۽ جڏهن ٻانهو گناهہ ڪندو آهي تہ کاٻي ڪلهي وارو فرشتو ان کي لکڻ لڳندو آهي، ان تي ساڄي ڪلهي وارو فرشتو چوندو آهي: رڪجي وڃ! پوءِ فرشتو 7 گهڙين تائين رڪيل رهندو آهي، جيڪڏهن ماڻهو اِسْتِغْفَار ڪري وٺي (يعني الله پاڪ کان معافي گهري وٺي) تہ ان جو گناهہ ناهي لکيو ويندو.[2]

سُبْحٰنَ اللّٰہ! الله پاڪ جي رحمت ڪيتري وڏي آهي...!! گناهہ ٿي ويو، هاڻي دير نہ ڪريو! جلدي جلدي توبهہ ڪري وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْكَرِيْم! اعمال نامي ۾ گناهہ نہ لکيا ويندا.

---

[1]... تفسير بحر العلوم، پاره:29، سورة قيامة، زير آيت:5، جلد:3، صفحه:425 خلاصةً۔دارالكتب العلميه
[2]...شعب الايمان، باب فی معالجة كل ذنب بالتوبة، جلد:5، صفحه:390، حديث:7049۔

## (5): رحمت کان مايوس نہ ٿيو!

پنجين سني عادت آهي تہ الله پاڪ جي رحمت کان مايوس نہ ٿيو، الله پاڪ وڏو مهربان آهي، رحم فرمائڻ وارو آهي، توبهہ قبول فرمائڻ وارو آهي، گناهہ ٿيو، غلطي ٿي، ان جي رحمت مان اميد رکو! ۽ جلد کان جلد توبهہ ڪري وٺو! اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيْم! توبهہ قبول ٿي ويندي.

## شيطان جون رڙيون ۽ دانهون

هڪ روايت ۾ آهي: ٻانهو گناهہ ڪندو آهي، فرشتا ان کي لکڻ کان رڪيل رهندا آهن، پوءِ ٻيو گناهہ ڪندو آهي، ٽيون، چوٿون، پنجون گناهہ ڪري وٺندو آهي، پوءِ انهن 5 گناهن کان پوءِ هڪ نيڪي ڪندو آهي (هاڻي هر نيڪي جو ثواب گهٽ ۾ گهٽ 10 ڀيرا وڌيڪ آهي، تنهنڪري) ان جي اعمال نامي ۾ 5 نيڪيون لکيون وينديون آهن ۽ 5 نيڪيون گناهن جو ڪفارو ٿي وينديون آهن، ان تي شيطان رڙيون ڪندو آهي: هاءِ! مان اِبْنِ آدم تي ڪيئن قابو پايان...؟ مون ڪوشش ڪئي (ان کان 5 گناهہ ڪرايا)، ان هڪ ئي نيڪي ڪري منهنجي سڄي محنت ضايع ڪري ڇڏي.[1]

سُبْحٰنَ الله! منهنجي رب جي رحمت ڪيتري وڏي آهي...!! جيڪو ان جي حضور رجوع ڪندو آهي، الله پاڪ ان کي بخشي ڇڏيندو آهي.

## عابد جي ايمان افروز ڳالهہ

منقول آهي: بني اسرائيل ۾ هڪ نهايت عبادت گذار شخص هو، ان وقت جي بادشاهہ کي ان جي باري ۾ علم ٿيو تہ بادشاهہ انهن کي دربار ۾ گهرايو ۽ چيو: مان چاهيان ٿو تہ توهان مون سان گڏ ئي رهو. ان تي عبادت گذار نيڪ شخص چيو: بادشاهہ سلامت! مان توهان کان هڪ سوال پڇان ٿو، فرض ڪيو! مان توهان سان گڏ رهڻ لڳس، هاڻي هڪ ڏينهن توهان ٻاهر کان آيا ۽ ڏٺو تہ مان توهان جي ڪنيز سان ڪيڏي رهيو آهيان تہ توهان

---

[1]... تنبيہ الغافلين، باب التوبۃ، صفحہ:54۔

ڪي ڪيئن لڳندو؟ بادشاهه غصي مان رڙ ڪري ڳالهايو: بي ادب! منهنجي سامهون اهڙي ڳالهه ڪرين ٿو؟ عبادت گذار نيڪ شخص چيو: بادشاهه سلامت! مون گناهه ڪيو ناهي بس هڪ فرضي سوال ڪيو آهي تہ توهان ايتري ڪاوڙ ڪري رهيا آهيو جڏهن تہ منهنجو رب اهو آهي جيڪو منهنجا سوين گناهه ڏسندو آهي، پوءِ بہ غضب ناهي فرمائيندو، پوءِ مان پنهنجي رب جو در ڇڏي تنهنجي دربار ۾ ڇو اچي وڃان...؟[1]

اِک گُناہ میرا اَماں پیُو ویکھے، عمری منہ نہ لاوے
لکھ گُناہ میرا اَما لِک ویکھے، فیر وی پردے پاوے

وضاحت: والدين جيڪي پنهنجي اولاد سان تمام گهڻي محبت ڪندا آهن جيڪڏهن اهي بہ ڪو گناهه ڏسي وٺن تہ اهڙو رسوا ڪندا آهن جو سموري زندگي ڏسڻ پسند ناهن ڪندا، پر منهنجو مالڪ ڪريم اسان جا لکين گناهه ڏسندو آهي پوءِ بہ اسان جا عيب ظاهر ناهي فرمائيندو اسان جي گناهن تي پردا وجهي رکيا آهن.

پيارا اسلامي ڀائرو! هي الله پاڪ جي رحمت آهي...!! هو ستار آهي، هو غفار آهي، هو اسان جا عيب لڪائيندو آهي ۽ جڏهن ٻانهو سچي دل سان توبهہ ڪندو آهي تہ چاهي گناهه ڪيترا ئي ڇو نہ هجن، الله پاڪ معاف فرمائي ڇڏيندو آهي.

## گنهگارن کي صلح جو پيغام

حديث پاڪ ۾ آهي: الله پاڪ رات جو پنهنجو دستِ قدرت ڦهلائيندو آهي تہ جيئن ڏينهن جي وقت گناهه ڪرڻ وارو رات جو توبهہ ڪري وٺي ۽ رب ڪريم جو دستِ قدرت ڏينهن جي وقت ڦهليل رهندو آهي تہ جيئن رات جو گناهه ڪرڻ وارو ڏينهن ۾ توبهہ ڪري وٺي.[2]

---

[1]...تنبيہ الغافلين، باب التوبۃ، صفحہ:56۔

[2]...مسلم، كتاب التوبۃ، باب قبول التوبۃ من الذنوب...الخ، صفحہ:1058، حديث:2759۔

هٿ ڦهلائڻ هڪ اشارو هوندو آهي، جڏهن اسان کي ڪنهن سان صلح ڪرڻي هوندي آهي تہ هٿ ڦهلائي ڪري ان کي ڀاڪر پائيندا آهيون، ان جي طرف صلح جو هٿ وڌائيندا آهيون، الله پاڪ اسان جهڙي جسماني هٿ کان پاڪ آهي، هي هڪ مثال جي ذريعي سمجهيو ويو تہ الله پاڪ جي طرفان ٻانهي کي هر وقت صلح جو پيغام آهي، ٻانهي کان ڏينهن ۾ گناهہ ٿيو تہ ساري رات توبهہ جو دروازو کليل آهي، ٻانهو توبهہ ڪري وٺي، رات جو گناهہ ٿيو تہ سڄو ڏينهن توبهہ جو دروازو کليل آهي، ٻانهو ڏينهن ۾ توبهہ ڪري وٺي. بهرحال! الله پاڪ جي رحمت کان مايوس نہ ٿي، جلد کان جلد توبهہ جي طرف وڌي وڃي. الله پاڪ اسان کي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مِرے سر پہ عصیاں کا بار آہ مولیٰ! | بڑھا جاتا ہے دم بدم یاالٰہی!
مجھے سچّی توبہ کی توفیق دیدے | پئے تاجدارِ حرم یاالٰہی!
خدایا بُرے خاتمے سے بچانا | پڑھوں کلمہ جب نکلے دم یاالٰہی![1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

ڪلام جو خلاصو هيءُ تہ ڪل 5 سنيون عادتون آهن، انهن کي اپنائي وٺڻ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جو طريقو يعني انسان جي سڃاڻپ آهي جڏهن تہ انهن عادتن کي نہ اپنائڻ، انهن جو ابتو ڪرڻ شيطاني ڪم آهي (1): پنهنجي غلطي مڃي وٺڻ: جيڪو پنهنجي غلطي مڃي وٺندو آهي، اهو حقيقي انسان آهي، جيڪو نٿو مڃي اهو بظاهر انسان ئي آهي پر عادت شيطاني آهي (2): ٻي عادت: پنهنجي غلطي پنهنجي ئي مٿان کڻڻ (3): غلطي تي

---

[1]...وسائلِ بخشش، صفحہ:110 ملتقطًا۔

شرمنده ٿيڻ (4): جلد کان جلد توبهه ڪرڻ ۽ (5): الله پاڪ جي رحمت کان مايوس نہ ٿيڻ.

هي 5 سنيون عادتون آهن، حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي پياري پياري ڪردار مان اسان کي اهي عادتون سکڻ جي لاءِ مليون، الله پاڪ اسان کي اهي پنج ئي سنيون عادتون اپنائڻ ۽ انهن جي ابتڙ کان بچڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اسلامڪ اي بڪ لائبريري موبائل ايپلي ڪيشن

ڪتاب انسان جا بهترين دوست آهن ۽ هي انسان جي شخصيت جي تعمير ۽ اخلاقي نشونما ۾ وڏو اهم ڪردار ادا ڪندا آهن. جيڪڏهن ڪتاب اسلامي ۽ روحاني هجن تہ اهي اجا وڌيڪ قيمتي ٿي ويندا آهن. تبليغ دين جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ هڪ ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي. جنهن جو نالو آهي: اِسلامڪ اِي بڪس لائبريري (Islamic eBooks Library) آهي ۞ جنهن تي اردو، انگريزي ۽ ٻين 9 زبانن ۾ سوين اسلامي ڪتاب فري ۾ ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا ۞ هن ايپلي ڪيشن ۾ ڪيترن ئي مصنفن جا ڪتاب آهن۞ ايپلي ڪيشن ۾ ڪتاب کي مصنفن جي اعتبار سان ۽ ڪتاب جي عنوانن سان بہ سرچ ڪري سگهجي ٿو۞هن ايپلي ڪيشن ۾ ڪتابن کي ڊائون لوڊ ڪري انهن کي آف لائن پڙهڻ جي لاءِ پي ڊي ايف (PDF) جي ذاتي لائبريري ۾ محفوظ بہ ڪري سگهجي ٿو ۽ ۞ پنهنجي پسنديده ڪتابن کي (Favorite)ڪتابن جي الڳ فهرست ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو ۞ هن ايپلي ڪيشن کي توهان فيس بڪ، ٽوئيٽر ۽ واٽس ايپ جهڙن مختلف پليٽ فارمز تي دوستن سان شيئر ڪري سگهو ٿا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان کي اختتام جي طرف آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

## درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ پاتي ويندڙ غلط فهمي جي نشاندهي)

**مسئلو:** ناپاڪ ڪپڙي جو حصو معلوم نہ ٿيڻ تي ڪپڙو پاڪ ڪرڻ جو طريقو.

**وضاحت:** پاڪ ڪپڙي جو ڪو حصو مثلاً قميص، شلوار، آستين وغيره جو ڪو حصو ناپاڪ ٿي وڃي ۽ هي معلوم نہ هجي تہ ڪهڙو حصو ناپاڪ آهي تہ ان جون 3 صورتون آهن: (1): ڪپڙي جي ناپاڪ حصي جي باري ۾ علم نہ هجي تہ پوري ڪپڙي کي ڌوئي پاڪ ڪري وٺڻ بهتر آهي. (2): ڪپڙي جي ناپاڪ حصي جي باري ۾ تحري يعني غور و فڪر ڪيو وڃي تہ ڪهڙو حصو ناپاڪ آهي، پوءِ جنهن حصي جي باري ۾ گمان هجي تہ هي ناپاڪ آهي تہ صرف اهو حصو ڌوئڻ سان ڪپڙو پاڪ ٿي ويندو. سوچ ويچار سان ڪپڙا پاڪ ڪرڻ کان پوءِ جيڪڏهن معلوم ٿئي تہ ڪپڙي جو ڪو ٻيو حصو ناپاڪ هو، تہ جيڪڏهن ان ڪپڙي ۾ نماز ادا ڪئي تہ اها نماز ٿي ويندي. ان جو اعادو(ٻيهر پڙهڻ) بہ لازم نہ ٿيندو. (3): ڪپڙي جو ناپاڪ حصو معلوم نہ ٿيڻ جي صورت ۾ تحري يعني غور فڪر ڪرڻ بغير ڪنهن هڪ حصي کي پاڪ ڪرڻ سان بہ ڪپڙو پاڪ ٿي ويندو ۽ هن صورت ۾ جيڪڏهن بعد ۾ معلوم ٿئي تہ ڪپڙي جو ٻيو حصو ناپاڪ هو، تہ انهن ڪپڙن ۾ جيڪي نمازون ادا ڪيون آهن، انهن کي ٻيهر پڙهڻ لازم آهي، شرط هي آهي تہ نجاست قدرِ مانع هجي. آخري ٻن صورتن ۾ ناپاڪ حصي جي باري ۾ علم ٿيڻ کان پوءِ ان ڪپڙي کي نماز جي لاءِ استعمال ڪرڻ کان پهريان ناپاڪ حصي کي پاڪ ڪرڻ ضروري آهي.[1] الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي

[1]...دارالافتاء اہل سنت، ریفرنس نمبر:Nor.11278۔

توفيق نصيب فرمائي. اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اَسْمَاءُ الحسنیٰ جون برڪتون (وظيفو)

### يَا ظَاهِرُ

جيڪو بہ گھر جي ڀت تي يَا ظَاهِرُ لکي ڇڏي اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڀت سلامت رهندي.[1] اللّٰه پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

[1]...مدنی پنج سوره، صفحہ:255۔